
سکڻ سيکارڻ جي
حلقن جو جدول

# والدين جا 3 حق

## (قسط ٽين)

03 جولائی 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: 5 منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: 5 منٽ **(3):** جائزو: 5 منٽ ڪُل وقت: 15 منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ والدين جا 3 حق (ٽيون حصو) سيکاريا ويندا ۽ قرض جي ادائگي وقت جي دعا ياد ڪرائي ويندي. ۽ آخر ۾ نيڪ اعمالن جي رسالي مان اجتماعي جائزو به ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن مون تي 1 ڀيرو درود شريف پڙهيو الله پاڪ اُن تي 10 رحمتون موڪليندو ۽ اُن جي اعمالنامي ۾ 10 نيڪيون لکندو آهي. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والدين جا 3 حق (قسط ٽين)

### آيت مبارڪ

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ حُسْنًا ؕ وَاِنْ
جَاهَدٰكَ لِتُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ
فَلَا تُطِعْهُمَا ؕ

(پاره :21،سورة لقمان :14)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان (هر) انسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي. ۽ (اي ٻانها!) جيڪڏهن اهي تو تي زور ڀرين ته تون ڪنهن کي منهنجو شريڪ ڪرين جنهن جو توکي ڪو علم ئي ناهي، ته پوءِ تون سندن اطاعت نه ڪر".

---

1... ترمذی، ابواب الوتر، باب فی فضل الصلاة علی النبی صلی اللہُ عَلَيْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم، صفحہ:144، حدیث:174۔

**فرمانِ مصطفي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
جيڪو شخص پنهنجي والدين جي وفات کانپوءِ: ۞ سندن قسم پورو ڪري، ۞ سندن قرض ادا ڪري ۞ ۽ ٻين جي ماءُ پيءُ کي برو ڀلو چئي، پنهنجن والدين کي برو ڀلو نہ چورائي، تہ اهو (شخص) والدين جو فرمانبردار لکيو ويندو آهي، جيتوڻيڪ اهو سندن حياتيءَ ۾ نافرمان ئي ڇو نہ هو. ۽ جيڪو شخص (سندن وفات کانپوءِ): ۞ سندن قسم پورو نہ ڪري، ۞ سندن قرض ادا نہ ڪري، ۞ ۽ ٻين جي والدين کي برو ڀلو چئي، پنهنجن والدين کي برو ڀلو چورائي، تہ اهو (شخص) والدين جو نافرمان لکيو ويندو آهي، جيتوڻيڪ اهو سندن حياتيءَ ۾ فرمانبردار هو". (1)

# والدين جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ۽ ان جي رسول اسان کي والدين سان نيڪي ۽ ڀلائي جو حڪم ڏنو آهي. هي جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آهي. والدين جا ڪيترائي حق آهن، جن مان 6 حق اسان اڳ ۾ ئي سکي چڪا آهيون ۽ 3 اڄ سکنداسون. اچو! پهرين سکيل حق ورجائي وٺون: (1) اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ (2) والدين کي راضي رکڻ (3) والدين جي خدمت ڪرڻ (4) ادب ۽ احترام ڪرڻ (5) والدين لاءِ دعا گهرڻ (6) والدين جي واسطيدارن سان صله رحمي ڪرڻ.

وڌيڪ 3 حق جيڪي اڄ سکڻا آهن:

### پهريون حق: والدين کي بُرو ڀلو نہ چوڻ

**وضاحت** : والدين کي سب و شتم (گاريون ڏيڻ ۽ بُرو ڀلو چوڻ) ڪبيره گناه آهي. والدين کي بُرو ڀلو چوڻ جون ڪجھ صورتون آهن:

(1) **مَعَاذَ الله!** ڀاڻ پنهنجي زبان سان والدين کي بُرو ڀلو چوڻ، ڪين عيبدار چوڻ، سندن غيبتون ڪرڻ، گاريون ڏيڻ وغيره. معراج جي رات، نبين جي سردار،

1... معجم اوسط ،جلد:3،صفحه:381،حديث:4891۔

رسولن جي سالار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دوزخ ۾ ڪجھ اهڙا ماڻهو ڏٺا، جيڪي باهہ جي شاخن سان لٽڪيل هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”اي جبريل! هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟“ عرض ڪيائون: هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي دنيا ۾ پنهنجن والدين کي گاريون ڏيندا (بُرو ڀلو چوندا) هئا[1]. (2) اهڙا ڪم ڪرڻ جو ماڻهو توهان جي والدين کي بُرو ڀلو چون، ❁ سندن بي عزتي ڪن، وغيره. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”پانهي جو پنهنجن والدين کي گاريون ڏيڻ ڪبيره گناهن مان آهي.“ عرض ڪيو ويو: ”يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا ڪو پنهنجن والدين کي بہ گاريون ڏئي سگهي ٿو؟“ فرمايائون: ”ها! (اهو ائين جو) هي ڪنهن جي پيءُ کي گاريون ڏئي ٿو تہ اهو (بدلي ۾) هن جي پيءُ کي گاريون ڏيندو آهي ۽ هي ڪنهن جي ماءُ کي گاريون ڏئي ٿو تہ اهو (بدلي ۾) هن جي ماءُ کي گاريون ڏيندو آهي[2].“

**ٻيون حق: والدين جي وفات کان پوءِ سندن تجهيزءِ تڪفين وغيره جو انتظام ڪرڻ**

**وضاحت:** خدا نہ ڪري، جيڪڏهن والدين مان ڪو وفات ڪري وڃي تہ سندن ۞ غسل ۞ ڪفن ۞ نمازِ جنازه ۽ ۞ دفن ڪرڻ جو انتظام ڪيو وڃي. انهن سڀني ڪمن ۾ سنتن ۽ مُستحبات جو خيال رکيو وڃي، تہ جيئن ميت کي انهن سنتن ۽ مستحبات جون برڪتون حاصل ٿين. بهتر اهو آهي تہ اولاد اهي ڪم پاڻ ڪري، جيڪڏهن اولاد مان ڪنهن کي هي ڪم ڪرڻ نہ ايندو هجي تہ ڪو بہ نيڪ ۽ پرهيزگار شخص اهو ڪم ڪري تہ بہ ڪا حرج ناهي.

ياد رهي! انهن سڀني ڪمن ۾ جلدي ڪئي وڃي، بنا ڪنهن سبب جي دير ڪرڻ جي سختي سان منع آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: **جڏهن توهان مان ڪو فوت ٿي**

---

1 الکبائر لذھبی،الکبیرۃ الثامن عقوعق الوالدین ،صفحہ:31۔
2 مسلم ،کتاب الایمان ،باب بیان الکبائر واکبرھا ،صفحہ:53،حدیث:146۔

**وجي ته ان کي روڪي نه رکو ۽ جلدي دفن ڪيو.**[1]

### ٽيون حق : والدين جو قرض ادا ڪرڻ

وضاحت: والدين تي قرض هجي ته سندن زندگيءَ ۾ به انهن سان گڏجي قرض ادا ڪرڻ ۽ جيڪڏهن والدين وفات ڪري وڃن ته سندن قرض لاهڻ ۾ جيترو ٿي سگهي جلدي ڪرڻ. منهنجي آقا، مديني واري مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہ وسلم جن فرمايو: مسلمان جو روح پنهنجي قرض جي ڪري ان وقت تائين مُعلّق رهندو آهي (يعني جنت ۾ وڃڻ کان روڪيو ويندو آهي)، جيستائين ان جو قرض ادا نه ڪيو وڃي. [2]

### دهرائي

**اڄ اسان والدين جا 3 حق سکيا آهن، ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو!**

(1) والدين کي بُرو پلو نه چوڻ. (2) والدين جي وفات کان پوءِ سندن تجهيز ۽ تڪفين وغيره جو انتظام ڪرڻ. (3) والدين جو قرض ادا ڪرڻ.

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### قرض جي ادائيگي جي وقت جي دعا

اَللّٰھُمَّ اکْفِنِیْ بِحَلَالِکَ عَنْ حَرَامِکَ وَاَغْنِنِیْ بِفَضْلِکَ عَمَّنْ سِوَاکَ

ترجمو: اي الله پاڪ! مون کي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل و ڪرم سان پاڻ کان سواءِ غيرن سان بي نياز ڪري ڇڏ. (3)

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

---

1 معجم کبیر ،جلد:12،صفہ:444،حدیث:13613۔

2 سنن ترمذی ،ابواب الجنائز ،باب ماجاء عن النبی صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم انہ قال ....الخ ،صفحہ:280،حدیث:1078۔

3 مستدرک ،کتاب الدعاءوالتکبیر ...الخ،باب دعاء دخول السوق ،جلد:2،صفحہ:230حدیث:2016-

(1): سنيون سنيون نيتون کيون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا کيون؟ (3): هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سُوْرَۃُ الْمُلْک پڙهي يا ٻڌي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آية الكرسي، تسبيح فاطمہ ۽ سُوْرَة الْاِخلاص پڙهي؟ (6): کنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): کنن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظر کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ (12): 12 منٽ مکتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر لاءِ جاڳايو؟ (22): ڀين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت مطابق لباس پهريو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): (27) هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28) گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبہ ڪئي؟ (29) سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30) مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31) سنتّن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪيو؟ (32) ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33) تهجد يا صلوٰة الّليل ادا ڪئي؟ (34) اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35) عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36) 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37) ڀين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر،

موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38) ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيوؤ؟ (39) ڪجھ نہ ڪجھ وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ (40) ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41) وقت تي قرض ڏنو؟ (42) عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جنهن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43) صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44) مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45) فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46) ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪم ڪان پهريان بسم‌الله پڙهي؟ (47) چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48) اسراف کان بچيوؤ؟ (49) ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50) تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51) زبان جي گناهن کان بچيا؟ (52) فضول گفتگو کان بچيا؟(53) مذاق مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟(54) عمامو شريف ٻَڌو؟(55) پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ و ثواب ڪيو؟(56) ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون هيٺ ڪري گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57) اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58) هفتہ وار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59) هفتہ وار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟

(60) يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61) مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۾ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62) هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63) هفتہ وار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64) علاقائي دورو ڪيو (65) پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟